مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہِ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 10 اپريل، 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 21 شوال شريف، 1447ھ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

# دين جي ضرورت ڇو؟ (سيپارو:1، سوره بقرة:38_39)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ

- ... دين جي ضرورت ڇو...؟
- ... بي دين انسان جي بي عقلي
- ... هَيُوْمَن اِزم بي عقلي جو تازو مثال
- ... شريعت يا ذاتي مزاج...؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن قرآنِ ڪريم پڙهيو ۽ پنهنجي رَبّ ڪريم جي حمد ڪئي ۽ مون تي درودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ کان بخشش جوَ سوال ڪيو تہ ان خير (يعني ڀلائي) ڪي ان جي جاءِ تان ڳولهي لڌو.[1]

اِسے لب پہ اپنے سجاؤ میاں! وسیلہ ہے بخشش کا سارا درود
نکالے غموں کے تلاطُم سے یہ کہ ہے راحتوں کا کنارہ درود

وضاحت: تَلاطُم: شديد طوفان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:)

---

[1]...شعب الایمان، باب فی التعظیم القرآن، فصل فی استحباب...الخ، جلد:2، صفحہ:373، حدیث:2084۔

قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَایَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۳۹﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 38_39)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اسان فرمايو: توهان سڀئي جنّت مان لهي وڃو پوءِ جيڪڏهن توهان وٽ منهنجي طرفان ڪا هدايت اچي ته جيڪي منهنجي هدايت جي پيروي ڪندا انهن کي نه ڪو خوف هوندو ۽ نه اهي غمگين ٿيندا ۽ اهي جيڪي ڪفر ڪندا ۽ منهنجي آيتن کي ڪوڙو چوندا اهي دوزخ وارا هوندا، اهي هميشه ان ۾ رهندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريمه جو مرڪزي مضمون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپاري 1، سورت بقره جي آيت نمبر 38 ۽ 39 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، انهن ٻن آيتن ۾ اسان جي لاءِ زندگي جو معيار بيان ڪيو ويو آهي. اهو وقت جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلام جي تخليق به نه ٿي هئي، ان کان پهريان فرشتن جي سامهون اهو اعلان ڪيو ويو ته

اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: مان زمين ۾ پنهنجو نائب بڻائڻ وارو آهيان.

(سيپارو: 1، البقرة: 30)

هاڻي جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلام پنهنجي مقامِ خلافت يعني زمين تي تشريف وٺي آيا تہ ◈ پاڻ ۽ سندن ايندڙ اولاد کي اهو منصبِ خلافت ڪيئن نڀائڻو آهي؟ ◈ ان جو منشور (ضابطو) ڇا هوندو؟ ◈ انسان کي پنهنجي ذات جي حوالي سان، پنهنجي خاندان، پنهنجي گهر، پنهنجي پاڙي ۽ پوري معاشري جي لحاظ کان ڪهڙن اصولن تي زندگي گذارڻي آهي؟ ◈ هن دنيا کي ڪهڙن بنيادن تي آباد ڪرڻو آهي؟ ان متعلق هڪ واضح سبق ڏنو ويو، ارشاد ٿئي ٿو:

قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِیْعًا ۚ فَاِمَّا یَاْتِیَنَّكُمْ مِّنِّیْ هُدًى

ترجمو ڪنزُ العرفان: اسان فرمايو: توهان سڀئي جنّت مان لهي وڃو پوءِ جيڪڏهن توهان وٽ منهنجي طرفان ڪا هدايت اچي. (سيپارو: 1، البقرة: 38)

معلوم ٿيو تہ انسان هن دنيا ۾، زمين تي اچي ويو، هاڻي هتي زندگي ان کي ◈ پنهنجي عقل مطابق نہ گذارڻي آهي ◈ پنهنجي چاهت ◈ پنهنجي خواهش ◈ پنهنجي خيالن ۽ تصورن مطابق نہ گذارڻي آهي بلڪ ان کي زندگي گذارڻ جا طور طريقا، پنهنجي ذات کان وٺي پوري معاشري تائين سمورا اصول ۽ ضابطا، سموريون هدايتون الله پاڪ جي طرفان عنايت ڪيون وينديون ۽ ائين ئي ٿيو، الله پاڪ نبي موڪليا، ڪتاب نازل فرمايا ۽ سڀ کان آخر ۾ پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي موڪلي، پاڻ سڳورن تي پنهنجو آخري ڪلام قرآن مجيد نازل فرمايو، انسان جي لاءِ هدايتن جو سلسلو مڪمل فرمائي ڇڏيو. هاڻي انسان وٽ اهو ئي مڪمل دستور آهي ◈ هاڻي اسان پنهنجي ذات جي لحاظ کان ◈ پنهنجي گهر ٻار جي لحاظ کان ◈ پنهنجي ڪاروبار جي لحاظ کان ◈ رسم ۽ رواج

جي لحاظ کان◈پوري معاشري جي لحاظ کان◈ مطلب تہ ڪنهن بہ لحاظ کان پنهنجي عقل، پنهنجي سوچ، پنهنجي جذبات، پنهنجي خيالن جا نہ بلڪ الله پاڪ جي طرفان عطا ڪيل، ان هدايت جا پابند آهيون. الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَمَنْ تَبِعَ هُدَایَ فَلَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ ﴿۳۸﴾

وَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَاۤ اُولٰٓىٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِۚ هُمْ فِیْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۳۹﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: تہ جيڪي منهنجي هدايت جي پيروي ڪندا انهن کي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا ۽ اهي جيڪي ڪفر ڪندا ۽ منهنجي آيتن کي ڪوڙو چوندا اهي دوزخ وارا هوندا، اهي هميشہ ان ۾ رهندا. (سيپارو: 1، البقرة: 38_ 39)

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه انهن آيتن جو خلاصو بيان ڪندي لکن ٿا: حضرت آدم ۽ حضرت حوا عَلَيۡهِمَا السَّلام جڏهن جنت مان هليا تہ انهن کي اها خبر نہ هئي تہ ڇا اسان هميشہ جي لاءِ وڃي رهيا آهيون يا وري ڪڏهن هتي (واپس جنت ۾) اچڻ نصيب ٿيندو؟ انهن جي اطمينان جي لاءِ فرمايو ويو تہ هاڻي تہ توهان سڀ جنت مان لهي زمين تي وڃو! اتي توهان تي اسان جي نظرِ عنايت رهندي، اسان توهان جي (يعني توهان جي اولاد) وٽ پنهنجي هدايت يعني انبياء، ڪتاب ۽ پوءِ نبين جا نائب علماء ۽ مشائخ موڪليندا سين، (پوءِ اي آدم عَلَيۡهِ السَّلام! توهان جي اولاد مان) ◈ جيڪو اسان جي هدايت مطابق عمل ڪندو، ان کي نہ اڳتي جو خوف هوندو ۽ نہ ڪڏهن گذريل عمر جو غم هوندو بلڪ اهو ٻنهي جهانن ۾ شاد و آباد ۽ خوش رهندو ۽ جيڪو اسان جي هدايت کي دل سان نہ مڃيندو

◈ ۽ اسان جي ڪنهن نشاني (يعني) ڪنهن آسماني ڪتاب يا ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلام جو انڪار ڪندو◈بلڪ جانورن جيان کائڻ، پيئڻ ۽ ◈ دنيا جا مزا ماڻڻ کي ئي پنهنجو اصلي مقصد سمجهي ويندو، اهو هميشه دوزخ جي باھ ۾ سڙندو ۽ ڪڏهن به اتان نه نڪري سگهندو.[1]

## دين جي ضرورت ڇو...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن مبارڪ آيتن ۾ اسان کي واضح سبق ڏنو ويو ته اسان اولادِ آدم آهيون يعني اها هستي جنهن کي الله پاڪ پنهنجو خليفو بڻائي زمين تي موڪليو، اسان ان جي اولاد مان آهيون، اسان هن دنيا ۾ بلڪل آزاد يا بي لغام ناهيون بلڪ اسان جي لاءِ هتي◈زندگي گذارڻ◈ پاڻ کي◈پنهنجي گهر کي◈پنهنجي معاشري کي سنوارڻ جي لاءِ باقائده هدايتون ڏنيون ويون آهن، قرآنِ مجيد جي صورت ۾، دينِ اِلاهي جي صورت ۾ اسان جي لاءِ مڪمل ضابطا ۽ اصول بيان ڪيا ويا آهن◈اسان هر لمحي◈هر وقت◈ هر جاءِ◈هر لحاظ کان انهن اصولن، انهن ضابطن يعني دين ۽ شريعت جا پابند آهيون ۽ اسان کي دين ۽ شريعت جي تابع رهي ڪري ئي زندگي گذارڻي آهي. جيڪڏهن ان کان هٽي وياسين ته اسان کي نه دنيا ۾ ڪاميابي ملندي، نه آخرت ۾ نجات ماڻي سگهنداسين.

## دين ۽ انسان جي سڃاڻپ

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ حقيقت آهي ته انسان هن دنيا ۾ هر گهڙي اِلهامي هدايت جو محتاج آهي. اڄ بي دينن ۽ غير مسلمن جو هڪ وڏو انگ آهي،

[1]...تفسير نعيمى، پاره:1، سورهٔ بقرة، زير آيت:، جلد:1، صفحه:317 و 321 خلاصةً۔

جيڪي اهو چوندي ٻڌڻ ايندا آهن ته اسان کي ڪنهن دين (Divine Guidance) جي ضرورت ناهي، اسان پنهنجا سڀ معاملا پنهنجي عقل سان حل ڪري وٺنداسين. (مَعَاذَالله! اَسْتَغْفِرُالله)

پوءِ ان بُري نظريي کي ڪڏهن هيومن ازم (Humanism) جو نالو ڏنو ويندو آهي، ڪڏهن الحاد چيو ويندو آهي، ڪڏهن ڊي ازم (Deism) جو رنگ ڏنو ويندو آهي. مطلب ته هي بي دينن ۽ غير مسلمن جي هڪ پوري تحريڪ آهي، جيڪي ماڻهن کي اهو چئي گمراهہ ڪندا آهن ته آخر اسان کي آسماني دين جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ اسان سڀ ڪجهه پنهنجي عقل سان ڇو نٿا ڪري سگهون؟ بي دينن جي ان اعتراض کي وڏو پاورفل سمجهيو ويندو آهي ۽ اهي بي عقل سوشل ميڊيا وغيره تي ان اعتراض کي وڏي جوش ۽ خروش سان عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

ڏسو! وڏي سادي ڳالهه آهي، انسان کي ايتري عقل ڏني ئي ناهي وئي ته هي پنهنجي هر معاملي جو حل عقل سان ڪڍي وٺي بلڪ سچي ڳالهه ته اها آهي ته دين ۽ شريعت جي بغير پنهنجي معاملن ۽ مسئلن جو حل ڪڍڻ ته پري جي ڳالهه آهي، انسان عقل جي زور تي پنهنجو پاڻ کي به نٿو سڃاڻي سگهي.

## بي دين انسان جي گهٽ عقلي

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلام کان وٺي هيئنر تائين صديون گذري ويون آهن، ان دوران وڏا وڏا فلاسفر به آيا، وڏا وڏا ماهر سائنسدان به آيا، وڏا وڏا عقلمند به ٿيا، تاريخ گواهہ آهي ايترين صدين ۾ جنهن جنهن دين جو انڪار ڪيو،

زندگي جو بنياد الله پاڪ جي موڪليل هدايت تي نہ بلڪہ پنهنجي عقل تي رکيو، ان عزت تہ ڇا ماڻي هئي، ابتو ذلت کنئي، تاريخ پڙهي ڏسو! جنهن دين کي نہ مڃيو، ان يا تہ◈تارن کي پنهنجو خدا مڃي ورتو◈يا سج جي پوڄا شروع ڪري ڏني◈ڪنهن وڻن کي سجدا ڪيا◈ڪنهن باهہ جي پوڄا ڪئي ◈۽ ڪنهن پٿرن جي سامهون مٿو گسايو، يعني اهي عقل تي هر شيءِ جو بنياد رکندڙ، ايتري عقل بہ نہ رکندا هئا جو پنهنجي هٿن سان ٺاهيل باهہ عبادت جي لائق ڪيئن ٿي سگهي ٿي...؟

## حضرت عَمرو بن جُموح رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو واقعو

هڪ انصاري صحابي آهن، حضرت عَمرو بن جُموح رَضِیَ اللّٰہُ عنہ هي پنهنجي قبيلي جا سردار هئا، وڏا دانشمند، عقلمند هئا، پاڻ اڃا اسلام قبول نہ ڪيو هئائون، ان ڪان پهريان جي ڳالهہ آهي، انهن پنهنجي گهر ۾ ڪاٺ جو ٺهيل هڪ بُت رکيو هو، ان کي اهي مَنَّات چوندا هئا ۽ ان کي پنهنجو خدا مڃيندا هئا. جڏهن مديني پاڪ ۾ اسلام جي روشني پکڙجي وئي تہ عَمرو بن جُموح (رَضِیَ اللّٰہُ عنہ) جي پٽن کي بہ هدايت نصيب ٿي، انهن بہ اسلام قبول ڪري ورتو، هاڻي انهن پنهنجي والد صاحب کي اسلام جي دعوت ڏني پر ان وقت تائين عَمرو بن جُموح (رَضِیَ اللّٰہُ عنہ) الله جي دين جا دشمن ۽ عقل جا پيروڪار هئا، انهن اسلام قبول ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. سندن پٽن والد کي سمجهائڻ جي هڪ اٽڪل سوچي، ائين ڪيو جو جڏهن رات ٿي، سڀ سمهي پيا تہ اهو ڪاٺ جو بُت جنهن جي جنابِ عَمرو ان وقت پوڄا ڪندا هئا، انهن ان بُت کي ڪٺي گندگي جي ڍير تي اڇلي آيا. صبح ٿي، جنابِ عَمرو ڏٺو، مَنات تہ پنهنجي جاءِ تي ناهي، گهڻو ڳوليو، گهڻو تلاش ڪيو، ڪٿي

ڪا خبر نہ پئي، آخر ڳوليندي ڳوليندي، ڪَچري جي ڍير تي پهتا، اتي پنهنجو مَنات ذلت سان پيل ڏٺائون تہ ڏکي ويا، جلدي ۾ گهر کڻي آيا، ڌوتو، غسل ڏنو، خوشبو لڳائي ۽ ادب سان سندس جاءِ تي رکي ان جي پوڄا ڪرڻ لڳا، اڳين رات تي تہ شهزادن وري ائين ئي ڪيو، اڳين صبح مَنات صاحب وري جاءِ تي نہ هو، اڄ بہ ڪچري جي ڍير تي مليو، ڪجھ ڀيرا جڏهن ائين ئي ٿيو تہ هاڻي جنابِ عَمرو بن جُموح کي ڪجھ ڪجھ سمجھ اچڻ لڳو، تنهنڪري انهن هڪ تلوار منات جي ڳلي ۾ لٽڪائي ۽ چيو: جيڪڏهن تو ۾ ڪا ڀلائي آهي تہ اڄ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪري ونجانءِ.

هاڻي رات تي، جنابِ عَمرو بن جُموح جي شهزادن اڄ ڇا ڪيو جو منات جي ڳلي مان تلوار لاٿي ۽ ان جي جاءِ تي هڪ مئل ڪتو لٽڪائي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن جڏهن جنابِ عَمرو بن جُموح اها صورتحال ڏٺي تہ هاڻي سندن دل روشن ٿي وئي، پاڻ منات کي ڇڙٻينديءَ فرمايائون: جيڪڏهن تون خدا هجين ها تہ ائين ڪتو ڳلي ۾ لٽڪائي ذليل نہ ٿئين ها. ان کان پوءِ حضرت عَمرو بن جُموح رَضِیَ اللّٰہُ عنه ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪري راهِ هدايت تي اچي ويا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي صرف هڪ واقعو آهي، اهڙا هزارين واقعا تاريخ جي ورقن تي موجود آهن. ڏسو! هي آهي عقل جي پهچ...!! جيڪي الله پاڪ جي موڪليل هدايت کي رهنما نٿا بڻائين، اهي پاڻ کي ڪيڏو نہ هيٺ ڪري ڇڏيندا آهن، معلوم ٿيو: اسان پنهنجي عقل سان خود پنهنجي قدر ۽ قيمت بہ پوري طرح نٿا سڃاڻي سگهون تہ باقي معاملن کي عقل سان ڪيئن سلجهائي سگهنداسين.

---

[1]...الاصابۃ، رقم:5814، عمرو بن جموع، جلد:4، صفحہ:502 مفصّلاً۔

## هيومن ازم (Humanism) بي عقلي جو تازو مثال

اڄ جي ترقي يافته دور ۾ ڏسو! جيڪي بي دين آهن، جن جي دعويٰ آهي ته اسان اِلهامي هدايت (Divine Guidance) کان سواءِ به پنهنجي معاملن کي سنواري سگهون ٿا، جيئن: هيومن ازم (Humanism) آهي. اِلحاد آهي، ڊي ازم (Deism) وغيره آهي، انهن انسان کي جانور کان وڌيڪ اهميت ناهي ڏني. انهن جو مڃڻ آهي ته جهڙيءَ طرح ٻيا جاندار هن ڪائنات جو حصو آهن، ساڳي طرح انسان به هن فطرتي ڪائنات جو هڪ حصو (Part of Natural world) آهي. هيءَ آهي عقل جي پهچ...!! اهي نالي جا عقلمند جَن جي دعويٰ آهي ته اسان کي دين جي ضرورت ناهي، اسان کي عقل ئي ڪافي آهي، هي انهن جو حال آهي، اڃا تائين پاڻ کي به سڃاڻي نه سگهيا، پاڻ کي هڪ جانور کان وڌيڪ ڪجهه نه سمجهي سگهيا....!! هي صرف دين آهي جنهن اڄ جي ترقي يافته دور ۾ نه بلڪ هزارين سال پهريان ٻڌائي ڇڏيو هو ته انسان جانورن جيان هن فطرتي ڪائنات جو حصو نه بلڪ هن ڪائنات ۾ الله پاڪ جو خليفو آهي. ربّ ڪريم انسان کي هن زمين جو حفاظت ڪندڙ بڻايو آهي. تمام سادي مثال سان پنهنجي ڳالهه کي واضح ڪريان: پاڪستان ۾ گرميون شروع ٿي چڪيون آهن، عنقريب گرمي تيز ٿيندي، گهٽيون پوسٽون وائرل ٿيڻ شروع ٿينديون، ماڻهو هڪ ٻئي کي ترغيب ڏياريندا ته ”گرمي آهي، ننڍڙن جهرڪين، ننڍڙن پکين جي لاءِ پاڻي پري رکو ته جيئن ويچارا بي زبان اُڃ سبب تڙپي مري نه وڃن “ الحمد لله! تمام گهڻا ماڻهو ائين ڪندا آهن، جيڪي ناهن ڪندا، انهن کي به ڪرڻ گهرجي. مان جنهن ڳالهه طرف توجهه ڏيارڻ چاهيان ٿو، اها هيءَ آهي ته سوچڻ جي ڳالهه آهي، ڇا هن زمين تي ڪا بي مخلوق به اهڙي آهي جيڪا هن طرح بي مخلوقات جو خيال رکندي

هجي...؟ ڇا ڪنهن جانور ڪي ڪڏهن خيال آيو ته مان انسان جو ائين فڪر ڪريان؟ آخر اهي خيال صرف انسان کي ئي ڇو ايندا آهن؟ انسان جي اندر ئي اهي جذبات ڇو اڀرندا آهن؟ سادو جواب آهي، انسان اشرفُ المخلوقات آهي، هن زمين تي باقي جيتري مخلوق پائي وڃي ٿي، اها سڀ هن دنيا جو حصو آهن پر انسان اها عظيم مخلوق آهي جنهن کي الله ڪريم هن زمين جو حفاظت ڪندڙ بڻايو آهي. هي دين آهي جيڪو اسان کي ٻڌائي ٿو:

وَ سَخَّرَ لَكُمۡ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا مِّنۡهُ ؕ

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي سڀ جو سڀ پنهنجي طرف کان توهان جي ڪمن ۾ لڳائي ڇڏيو. (سيپارو: 25، الجاثيه: 13) هي آهي انسان جي اصل قدر ۽ قيمت...!! هي آهي انسان جي اهميت...!! انسان جانورن جيان فطرتي ڪائنات جو حصو (***Part of Natural world***)ناهي بلڪ هن دنيا ۾ ربُّ العالمين جو خليفو ۽ هن دنيا جو حفاظت ڪندڙ آهي. انسان ئي اهو آهي جنهن جي لاءِ سج، چنڊ ۽ تارن کي ڪم تي لڳايو ويو آهي، انسان ئي آهي جنهن جي لاءِ زمين جي هر شيءِ مُسَخَّر ڪئي وئي آهي. ڪيتري حيراني جي ڳالهه آهي، جن جي دعويٰ آهي ته اسان سڀ ڪجهه عقل سان ڪري سگهون ٿا، اهي اڃا تائين پاڻ کي، پنهنجي صلاحيتن کي، پنهنجي اهميت کي ته سڃاڻي نه سگهيا، ٻيو ڇا ڪري سگهندا. اها حقيقت آهي ته انسان کي ان جي اصل قدر ۽ قيمت، ان جي اصل اهميت ۽ درست سڃاڻپ به دين جي ذريعي ئي ملندي. ڊاڪٽر اقبال چيو هو:

خُودی کا سِرِّ نِہاں لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ
خُودی ہے تیغِ فَساں لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ( 1 )

وضاحت: خودي مان مراد آهي: انسان جي حقيقت، ان جون لڪيل صلاحيتون، ان جو قدر ۽ اهميت. مطلب اهو آهي تہ انسان جي حقيقت ۽ ان جي صلاحيتن جو لڪيل راز لَاۤاِلٰهَ اِلَّا الله ۾ آهي. جيستائين انسان لَاۤاِلٰهَ اِلَّا الله چئي ڪري (يعني ڪلمو پڙهي) پاڻ ڪي مڪمل طور تي الله ۽ رسول جي حوالي نٿو ڪري ڇڏي، ان وقت تائين ان جون صلاحيتون لڪيل رهنديون آهن، انسان جيڪو اشرف المخلوقات آهي، جيستائين اهو دين جي تابع نہ ٿي وڃي، تيستائين هي پاڻ ڪي بہ پوري طرح سڃاڻي نٿو سگهي. اقبال ئي هڪ جاءِ تي چيو:

وہ دانائے سُبُل، خَتمِ رُسُل، مَوْلاَئے کُل جس نے
غُبارِ راہ کو بخشا فروغِ وادِیٔ سِینا( 2 )

وضاحت: يعني اهي هدايتن جي وات ڄاڻڻ وارا، آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جيڪي سيني جا آقا ۽ مولا آهن، هي پاڻ سڀني مخلوقن جي ئي بلند ذات آهي، جن رستي جي ذرڙن کي رشڪِ طُور بڻائي ڇڏيو آهي.

---

[1]...ڪلياتِ اقبال، ضرب ڪليم، صفحہ:527۔

[2]...ڪلياتِ اقبال، بالِ جبريل، صفحہ:363۔

اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي بازارن ۾ ويندا هئا ۽ اعلان ڪندا هئا: يَا اَيُّهَا النَّاسُ! قُوْلُوْا لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ تُفْلِحُوْا اي انسانو! لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئو! (يعني اسلام قبول ڪيو) ۽ فلاح ماڻي وٺو![1] تاريخ گواهہ آهي تہ ان صداءِ هدايت تي جنهن جنهن لبيڪ چيو، اهو ترقي ۽ عروج جي ان بلندي تي پهتو جنهن جو تصور نٿو ڪري سگهجي، ۽ جنهن ان جو انڪار ڪيو اهو ذلت ۽ رسوائي جي کڏ ۾ ڪري پيو، ڏسو!◈ ابوجهل انڪار ڪيو، اڄ ابوجهل ڪٿي آهي؟ ان جو نالو نشان تائين باقي ناهي، حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عنه ڪلمو پڙهيو، ڪهڙي بلندي تي پهتا...!!◈ ابولهب انڪار ڪيو، تباهہ ۽ برباد ٿي ويو، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عنه ڪلمو پڙهيو، اهڙا بلند رتبي وارا ٿيا جو اڄ جا بي دين بہ سندن سيرت مان سبق سکندا آهن◈عتبہ، شيبہ وغيره مڪي جي سردارن انڪار ڪيو، اڄ انهن جو نالو وٺڻ وارو ڪو ناهي، حضرت بلال رَضِیَ اللّٰهُ عنه حبشہ جا هئا، پاڻ ڪلمو پڙهيائون پوءِ اهو وقت بہ زماني ڏٺو جو پاڻ ڪعبي جي ڇت تي بيهي اذان ڏئي رهيا هئا.

خبر پئي! هي دين آهي، هي اِلهامي هدايت آهي، هي ربّ جي موڪليل رهنمائي آهي، ان هدايت کان سواءِ ڪامياب زندگي گذارڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، انسان پاڻ کي بہ پوري طرح نٿو سڃاڻي سگهي.

هي صرف هڪ مثال عرض ڪيو آهي، ان کان علاوه ٻيا بہ تمام گهڻا مسئلا آهن تہ انسان هزارين سال عقل هلايو، پوءِ بہ انهن مسئلن جو حل نہ نڪري سگهيو، هي صرف الله پاڪ جو موڪليل دين آهي جيڪو انهن

---

[1]...الزہد لابن المبارک، الجزء التاسع، صفحہ:334، حديث:116۔

مسئلن جو درست حل عطا ڪندو آهي ﴿مثال طور مسئلہ نسوانيت (Feminism) يعني عورتن جي حقن جو مسئلو، صدين کان انسان ان جو حل تلاش ڪندو رهيو آهي، ارسطو ۽ افلاطون جهڙن فلاسفرن ان تي متو هنيو آهي تہ عورت جي معاشري ۾ ڇا اهميت آهي﴿ نتيجتاً ڪنهن عورت کي نانگ چيو﴿ ڪنهن ان کي شيطان چيو﴿ ڪڏهن ان ويچاري کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻايو ويو ﴿ ڪڏهن ويچاري جي عزت کي داغدار ڪيو ويو ۽ اڄ جي ترقي يافتہ دور ۾ ڏسي ونو، هي عقل پرست، دين بيزار غير مسلم...!! انهن عورت کي صرف هڪ اشتهار بڻائي رکي ڇڏيو. هي صرف دين، اسلام آهي، جنهن ٻڌايو تہ ﴿ عورت جيڪڏهن ڌيءُ هجي تہ رحمت هوندي آهي ﴿ عورت جيڪڏهن ڀيڻ هجي تہ عزت هوندي آهي﴿ عورت جيڪڏهن ماءُ هجي تہ ان جي پيرن هينان جنت هوندي آهي﴿ ۽ عورت جيڪڏهن گهر واري بڻجي گهر اچي وڃي تہ ان جي ذريعي ماڻهوءَ جو اڌ ايمان محفوظ ٿي ويندو آهي﴿ ساڳي طرح معاشيات جو مسئلو...!! پئسو ڪيئن ڪمائڻو آهي؟ خرچ ڪيئن ڪرڻو آهي؟ اهو مسئلو بہ صدين تائين زيرِ بحث رهيو پر عقل ان جو ڪو حل نہ ڪڍي سگهيو، مارڪس ازم، ڪيپٽل ازم وغيره ڪيترا ڪيترا انقلاب آيا، ڪهڙيون ڪهڙيون تحريڪون اٿيون پر مسئلو اتي جو اتي آهي، جيڪي غريب هئا، وڌيڪ غريب ٿيندا وڃن پيا، جيڪي امير هئا، امير تر ٿيندا وڃن پيا، هي صرف اسلام آهي جنهن ان مسئلي جو حل ڏنو، تاريخ گواهہ آهي، حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي اڍائي سالا دورِ خلافت ۾ اسلامي نظام نافذ فرمايو هو،

معاشرو ايتري قدر ترقي تي پهچي ويو هو جو ڪو زڪوات جو حقدار نہ ملندو هو.[1]

مطلب تہ هزارين مسئلا آهن جن تي انسان صدين تائين مٿو هنيو، عقل هلايو پر ڪو حل نہ ڪڍي سگهيو، هي دين آهي، الله پاڪ جي موڪليل هدايت آهي، جنهن انهن مسئلن جو تمام بهترين حل ڪڍيو آهي. اهي سڀ تاريخي حقيقتون ان ڳالهہ جي شاهدي ڏين ٿيون تہ هن دنيا ۾ انسان دين ۽ شريعت جو محتاج آهي، انسان پابند آهي تہ پاڻ کي مڪمل طور تي الله ۽ رسول جي حوالي ڪري ڇڏي، پوءِ انهن جي مرضي مطابق زندگي گذاري، پنهنجي گهر، پنهنجي ڪاروبار، پنهنجي سمورن معاملن ۾ شريعت کي معيار بڻائي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ انتهائي ڪاميابي ۽ ترقي ماڻيندو. جيڪڏهن انسان ائين نہ ڪيو تہ پوءِ دنيا ۾ جيتوڻيڪ ڪجهہ عرصو عيش ڪري بہ وٺي پر آخرت ۾ تمام گهڻي ذلت جو منهن ڏسڻو پوندو.

## بادشاهہ جي شامت ڇو آئي...؟

منقول آهي: هڪ شخص هو، ان کي جواني ۾ ئي بادشاهت ملي وئي. هاڻي ان کي ڪجهہ پريشاني ٿي تہ آخر مان هن ننڍي ڄمار ۾، تجربي جي گهٽتائي سان ايڏي وڏي سلطنت ڪيئن هلائيندس...؟ تنهنڪري ان پنهنجي ساٿين ۽ درٻارين سان مشورو ڪيو تہ سنن ماڻهن ان کي ٻڌايو تہ سلطنت هلائڻ جي لاءِ عالمن جي رهنمائي تمام ضروري آهي. نوجوان بادشاهہ کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي، هن شهر جي سمورن عالمن ۽ مشائخ کي گهرايو، انهن جي خدمت

[1]...الزہد لابن المبارک، الجزء التاسع، صفحہ:334، حديث:116۔

۾ عرض ڪيو: توهان سڀ مون وٽ رهو! جڏهن مون کي دينِ الٰهي جي پيروي ڪندي ڏسو ته مون کي ان جو حڪم ڏيو، جڏهن مون کي دين کان هٽندي ڏسو ته مون کي ان کان روڪيندا رهجو.

علماءِ ڪرام اها ذميواري سنڀالي ورتي، اهو نوجوان بادشاهه علماءِ ڪرام جي رهنمائي ۾ سلطنت هلائڻ لڳو، 400 سالن تائين ان ڪاميابي سان سلطنت هلائي. جڏهن 4 صديون گذري ويون ته شيطان انساني شڪل ۾ ان وٽ آيو، چوڻ لڳو: مَنْ اَنْتَ؟ تون ڪير آهين؟ بادشاهه چيو: مان آدم عَلَيْهِ السَّلام جي اولاد مان هڪ فرد آهيان. هتان کان شيطان ان کي ڦاسايو، چوڻ لڳو: تون ماڻهو ناهين، جيڪڏهن تون ماڻهو هجين ها ته جيئن ٻيا ماڻهو مرن ٿا، تون به مري وڃين ها جڏهن ته تون 4 صدين کان حڪومت ڪري رهيو آهين، توکي موت نه آيو، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته تون انسان نه بلڪ خدا آهين، هي دين ۽ عالمن جي صحبت ڇڏ! ماڻهن کي پنهنجي عبادت طرف گهراءِ!

هاڻي هي شيطان جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ ان تي به عقل پرستي جو ڀوت سوار ٿي ويو، ان دين ۽ الله پاڪ جي موڪليل هدايت ڇڏي ۽ خدائي جي دعويٰ ڪري ڇڏي. جڏهن ائين ٿيو ته الله پاڪ ان وقت جي نبي عَلَيْهِ السَّلام جي طرف وحي موڪلي، حڪم ٿيو: ان بادشاهه کي فرمائي ڇڏيو! جيستائين تون سڌي رستي تي رهئين، مون تنهنجي سلطنت کي زبردست طريقي سان قائم رکيو، هاڻي جڏهن ته تو منهنجي نافرماني شروع ڪري ڏني، پوءِ منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم...!! هاڻي تو تي بخت نصر (نالي ظالم بادشاهه) کي مسلط ڪيو ويندو. پوءِ ائين ئي ٿيو، ڪجهه ئي عرصي بعد

بخت نصر ان بدبخت بادشاھ تي حملو ڪيو، ان جو ڪنڌ ڪَپي ڇڏيو ۽ سندس سلطنت تي قبضو ڪري ورتو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! عبرت جي ڳالھ آھي...!! بادشاھ ھو، طاقت وارو ھو، خزانن وارو ھو، 400 سال حڪومت ڪري چڪو ھو، جيستائين ھي الله پاڪ جي دين جي تابع رھيو، ربّ ڪريم جو فرمانبردار رھيو، ان جي سلطنت ھلندي رھي، جيئن ئي ان دينَ جو انڪار ڪيو، دين کان منھن موڙيو، عقل جي قندي ۾ ڦاٿو، شيطان جي چال ۾ آيو، تباھ ۽ برباد ٿي ويو، ان جي بادشاھت، ان جي سلطنت، ان جو تاج ۽ تخت، ان جي طاقت ڪجھ بہ ان کي الله پاڪ جي قھر کان بچائي نہ سگھي. ان ۾ اسان جي لاءِ سبق آھي تہ اسان کي ھر لمحي، ھر وقت، زندگي جي ھر ھر معاملي ۾، ھر ھر لحاظ کان دين ۽ شريعت جو فرمانبردار رھڻو آھي، ان ۾ ئي اسان جي ڀلائي آھي، ان ۾ ئي اسان جي عزت آھي، ان ۾ ئي ٻنھي جھانن جي ڪاميابي آھي، اھو ئي اسان جي زندگي جو اصل معيار آھي.

## شريعت يا ذاتي مزاج...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلله! اسان مسلمان آھيون، اسان دين کي، شريعت کي، الله ۽ رسول جي حڪمن کي دل سان مڃيندا آھيون، انھن کي دل ۽ جان سان تسليم ڪندا آھيون پر اسان وٽ ھڪ مسئلو آھي، ڪيئي دفعا اسان◈پنھنجي ذاتي مزاج جي ڪري◈معاشري ۾ رائج رسم ۽ رواج جي ڪري◈پنھنجي طور تي پنھنجي دنياوي عزت بچائڻ جي ڪري دين ۽

[1]...نوادر القليوبی، صفحہ:9۔

شريعت کي پنيان ڪري ڇڏيندا آهيون◈مثال طور شادي جو موقعو آيو، گهڻن ماڻهن جو ذهن هوندو آهي ته جيڪڏهن دهل شرنايون نه ٿيون ته شادي جو لطف نه ايندو ◈ ڪو خوشي جو موقعو اچي ويو، هاڻي ماڻهو خاندان ۾ پنهنجو نڪ رکڻ (يعني عزت بچائڻ) جي لاءِ شريعت کي پويان ڪري ڇڏيندا آهن◈ پردي جو معاملو آهي، ان تي اچي خانداني رواج، معاملا وغيره ڏسي ماڻهو شريعت تي عمل ناهن ڪندا ◈ مثال طور جيڪڏهن پنهنجي ڏيئرن کي پردو ڪرائيندس ته خاندان وارا ڳالهيون ناهيندا ◈ ڏاڙهي رکندس ته ماڻهو ڇا چوندا؟ ◈عمامو ٻڌي وندس ته ماڻهو ڇا چوندا؟◈سنت مطابق لباس پائي وندس ته ماڻهو ڇا چوندا؟

هي جيڪو مزاج نهندو پيو وڃي، اهو سٺو ناهي. هڪ منافق شخص هو: اَخْنَس بن شُرَيق، ان جي متعلق قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿيو:[1]

وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۲۰۶﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن ان کي چيو وڃي ته الله کان ڊڄ ته ان کي ضد ويتَر گناه تي اياري ٿو ته اهڙي کي جهنّم ڪافي آهي ۽ اهو ضرور تمام بُرو نڪاڻو آهي. (سيپارو: 1، البقرة: 206)

معلوم ٿيو: منافق جي اها علامت هوندي آهي ته جيڪڏهن ان کي سمجهايو وڃي ته پنهنجي ڳالهه تي اڙجي ويندو آهي، ٻئي جي ڳالهه مڃڻ

[1]...تفسير طبری، پاره:2، سورۂ بقرة، زير آيت:206، جلد:2، صفحه:332 ـ

پنهنجي لاءِ توهين سمجهندو آهي، نصيحت ڪرڻ ڪي پنهنجي عزت جو مسئلو بڻائي وٺندو آهي.[1]

## دين مان ئي عزت ملندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ان ۾ نصيحت آهي، اسان کي گهرجي ته پنهنجي دنياوي، خيالي عزت کي دين جي واٽ ۾ رڪاوٽ نه بڻايون، هر شيءِ کان وڌيڪ دين کي ترجيح ڏيون، دين ۽ شريعت جنهن ڳالهه جو حڪم ڏين، دل ۽ جان سان، ذوق ۽ شوق سان ان تي عمل ڪريون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ عزت گهٽ نه ٿيندي بلڪ پهرين کان وڌيڪ وڌي ويندي.

بصره ۾ هڪ بزرگ مِسڪي جي نالي سان مشهور هو. مُشڪ کي عربي ۾ مِسڪ چوندا آهن. تنهنڪري مِسڪي جي معنيٰ ٿي مُشڪبار يعني مُشڪ جي خوشبو ۾ رنگيل. اهو بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هر وقت خوشبودار رهندو هو. ايتري تائين جو جنهن رستي کان گذرندا هئا اهو رستو به مهڪي پوندو هو! جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيندو هو ته سندن خوشبو مان ماڻهن کي معلوم ٿي ويندو هو ته حضرت مسڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا آهن. ڪنهن عرض ڪيو: حضور! اوهان کي خوشبو تي تمام گهڻي رقم خرچ ڪرڻي پوندي هوندي؟ فرمايائون: مون نه ڪڏهن خوشبو خريد ڪئي، نه لڳائي. منهنجو واقعو نهايت عجيب ۽ غريب آهي:

مان بغدادِ معليٰ جي هڪ خوشحال گهراڻي ۾ پيدا ٿيس. جنهن طرح امير ماڻهو پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياريندا آهن، منهنجي به ساڳي طرح تعليم

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:2، سورهٔ بقرة، زير آيت:206، جلد:1، صفحه:323 ـ

ٿي. مان تمام خوبصورت ۽ باحيا هئس. منهنجي والد صاحب کي ڪنهن چيو: هن کي بازار ۾ ويهاريو تہ جيئن هي ماڻهن سان گهلي ملي وڃي ۽ ان جي حيا ڪجهہ گهٽ ٿئي. تنهنڪري مون کي هڪ ڪپڙي جي دڪان تي ويهاريو ويو. هڪ ڏينهن هڪ پوڙهي عورت ڪجهہ قيمتي ڪپڙا ڪيرايا، پوءِ ڪپڙي واري کي چيائين: مون سان گڏ ڪنهن کي موڪلي ڏيو تہ جيئن جيڪي پسند اچن، انهن کي وٺڻ بعد قيمت ۽ باقي ڪپڙا واپس آڻي. دڪان واري مون کي ان سان گڏ موڪلي ڏنو. پوڙهي مون کي هڪ عظيم الشان محل ۾ وٺي وئي ۽ هڪ سجايل ڪمري ۾ موڪليو. ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ زيورن سان سينگاريل خوش لباس جوان ڇوڪري تخت تي ويٺي آهي، مون کي ڏسندي ئي ان ڇوڪري تي شيطان غالب اچي ويو ۽ اها هڪدم منهنجي طرف وَڌي ۽ ڇيڙ خاني ڪندي منهن ڪارو ڪرائڻ جي جي لاءِ تيار ٿي وئي. مون گهبرائي چيو: الله پاڪ کان ڊڄ! پر ان تي شيطان پوري طرح مسلط هو. جڏهن مون ان جي ضد ڏٺي تہ گناهہ کان بچڻ جي هڪ تجويز سوچي ۽ ان کي چيو: مون کي استنجا خاني وڃڻو آهي. ان آواز ڏني تہ چئني طرفن کان ڪنيزون اچي ويون، ان چيو: پنهنجي آقا کي بيت الخلاء ۾ وٺي وڃو! مان جڏهن اتي ويس تہ ڀڄڻ جي ڪا واٽ نظر نہ آئي، مون کي ان عورت سان منهن ڪارو ڪندي پنهنجي رب کان حيا اچي رهي هئي ۽ مون تي عذابِ جهنم جي خوف جو غلبو هو. تنهنڪري هڪ ئي رستو نظر آيو ۽ اهو هي تہ مون استنجا خاني جي نجاست کي پنهنجي هٿ منهن وغيره تي ملي ڇڏيو ۽ خوب اکيون ڪڍي ان ڪنيز کي ڊيڄاريو جيڪا ٻاهر رومال ۽ پاڻي کڻي بيٺي هئي، مان جڏهن ديوانن جيان رڙيون ڪندو ان طرف وڌيس تہ اها ڊڄي ڀڳي ۽ ان چريو، چريو جو شور مچائي ڏنو. سڀ ڪنيزون گڏ ٿي ويون

۽ انهن ملي ڪري مون کي هڪ ٽاٽ ۾ ويڙهيو ۽ ڪٽي هڪ باغ ۾ اڇلائي ڇڏيو. مون جڏهن يقين ڪري ورتو تہ سڀ وڄي چڪيون آهن تہ اٿي پنهنجا ڪپڙا ۽ بدن کي ڌوئي پاڪ ڪري ورتو ۽ پنهنجي گهر هليو ويس پر ڪنهن کي اها ڳالهہ نہ ٻڌائي. ان ئي رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ ڪو چئي رهيو آهي: توکي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلام سان ڪهڙي نہ خوب مناسبت آهي. پوءِ چيو: ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟ مون چيو: نہ. تہ انهن چيو: مان جبرائيل عَلَيْهِ السَّلام آهيان. ان کان بعد انهن منهنجي منهن ۽ جسم تي پنهنجو هٿ گهمايو. ان ئي وقت کان منهنجي جسم مان مُشڪ جي بهترين خوشبو اچڻ لڳي.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي...!! غور فرمايو! جڏهن ماڻهو دين تي عمل ڪرڻ جي لاءِ، الله ۽ رسول جي فرمانبرداري جي لاءِ ماڻهن جي ڳالهين جو فڪر ڪرڻ ڇڏيندو آهي تہ ڏسو! ربّ ڪريم ان ٻانهي جي عزت ۾ ڪهڙي طرح اضافو فرمائي ڇڏيندو آهي، ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شريعت جو حڪم مڃڻ لاءِ پاڻ کي بدبودار ڪيو، الله پاڪ ان کي هميشہ جي لاءِ خوشبودار ڪري ڇڏيو. بس اسان کي بہ گهرجي تہ اسان الله جي موڪليل دين تي، الله پاڪ جي ڪتاب ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي فرمانن تي عمل ڪريون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي اسان جا قدم چمندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...روض الرياحين، الحكاية سابعة عشرة بعد الاربع مئة، صفحہ:334۔

www.dawateislami.net

## آن لائن استخاره موبائيل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! الحمدلله! دعوت اسلامي جي آءِ ٽي ڊيپارٽمينٽ جي طرفان عوام جي آساني ۽ اُمتِ مصطفيٰ جي غمخواري جي لاءِ موبائيل ايپلي ڪيشن Online rohani ilaj & istikhara متعارف ڪرائي آهي. هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان ◈ آن لائن استخاره ڪرائي سگهو ٿا ◈ بيماري، نظرِ بد، جادو، آسيب وغيره مسئلن جي حل جي لاءِ في سبيل الله تعويذات حاصل ڪري سگهو ٿا ◈ آن لائن ڪاٽ بہ ڪرائي سگهو ٿا. وڌيڪ هن ايپلي ڪيشن ۾ ◈بيماري ◈غربت ◈ غم، پريشاني ◈ ۽ آفات و بليات وغيره کان حفاظت جا مختلف اوراد ۽ وظائف بہ شامل آهن ◈ پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪري وٺو! پاڻ بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي ترغيب بہ ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

### درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڏي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: ڇا چشمو (يعني عينڪ) لڳائي نماز پڙهي سگهجي ٿي؟

وضاحت: عينڪ لڳائي نماز پڙهڻ متعلق عموماً ماڻهو ڪشمڪش جو شڪار رهندا آهن، ڪجھ عينڪ لڳائي نماز پڙهي وٺندا آهن، ڪجھ ان کي درست خيال ناهن ڪندا. ان حوالي سان شرعي مسئلو اهو آهي تہ عينڪ پائي نماز پڙهڻ جائز آهي. ها! ان ۾ هڪ احتياط ڪرڻ ضروري آهي، اهو

هي تہ نڪ جي هڏي زمين تي ڄمڻ واجب آهي. تنهنڪري چاهي عينڪ پاتي هجي يا نہ پاتي هجي، نڪ جي چوٽي نہ بلڪہ سخت هڏي پوري احتياط سان زمين تي اهڙي طرح لڳايو جو زمين جي سختي محسوس ٿئي، جيڪڏهن عينڪ جي ڪري صرف نڪ جي چوٽي ئي لڳي سخت هڏي نہ لڳي تہ واجب ڇڏائجي ويندو ۽ نماز مڪروهہ تحريمي ٿي ويندي ۽ اهڙي نماز ڪي موٽائڻ واجب هوندو آهي.[1]

نوٽ: عينڪ جو فريم جيڪڏهن سون يا چاندي جو هجي تہ ان ڪي پائي نماز پڙهڻ سخت مڪروهہ آهي.[2]

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]…دار الافتاء اہلسنت، فتوی نمبر:Sar-7773۔

[2]…فتاویٰ رضویہ، جلد:7، صفحہ:318 ملتقطًا۔

## اَسْمَاءُ الحُسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَابَرُّ

جيڪو شخص يَابَرُّ 7 ڀيرا پڙهي ٻار تي دم ڪري الله پاڪ جي حفاظت ۾ ڏئي ڇڏي، بالغ ٿيڻ تائين اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ٻار بلائن کان محفوظ رهندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مدنی پنج سوره، صفحہ:256۔